SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2020

# SINDH ACT NO.X OF 2020

# اسٽيمپ (سنڌ ترميم) بل، 2020

# THE STAMP (SINDH AMENDMENT) BILL, 2020

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
1899.2 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Act No.II of 1899
1899.3 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Act No.II of 1899
1899.4 جي ايڪٽ نمبر II ۾ دفعه A_32 جي شموليت
Insertion of section 32_A in Act No.II of 1899
1899.5 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 40 جي ترميم
Amendment of section 40 of Act No.II of 1899
1899.6 جي ايڪٽ نمبر II ۾ دفعه B_40 جي شموليت
Insertion of section 40_B in Act No.II of 1899
1899.7 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 48 جي ترميم

Amendment of section 48 of Act No.II of 1899

1899.8 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 62 جي ترميم

Amendment of section 62 of Act No.II of 1899

1899.9 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 73 جي ترميم

Amendment of section 73 of Act No.II of 1899

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2020
# SINDH ACT NO.X OF 2020
# اسٽيمپ (سنڌ ترميم) بل، 2020
# THE STAMP (SINDH AMENDMENT) BILL, 2020

[15 جولاءِ 2020]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي اسٽيمپ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2020 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1899 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Act

2.اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾:

(a) شق (7) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(7A) "چيف روينيو اٿارٽي" کي ساڳي معنيٰ هوندي

No.II of 1899

جيڪا ان کي جنرل ڪلاسز ايڪٽ، 1897 (1897 جي ايڪٽ نمبر X) جي شق (a)9 تحت ڏنل آهي؛"؛

(b)شق (11) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(11) "صحيح طرح ٺپو لڳايل" مطلب چنبڙايل يا زور لڳائي هيل ٺپو لڳائڻ يا اي اسٽيمپ جيڪو گهربل مقدار کان گهٽ نہ هجي ۽ اهو تہ ٺپو قانوني طور تي لڳايو ويو هجي، استعمال ڪيو ويو هجي يا اليڪٽرانيڪلي جنريٽ ڪيو ويو هجي؛"

(c)شق (11) کانپوءِ هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:

"(11A) "اي اسٽيمپ" مطلب مڪمل طور يا عارضي طور پرنٽ ٿيل پيپر جنهن تي بار ڪوڊ ۽/يا مخصوص سڃاڻپ جو ڪوڊ يا اهڙي ٻي معلومات هجي، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي، ادائگي لائق اسٽيمپ ڊيوٽي جي ادائگي تي صوبائي حڪومت جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائڻ سان جنريٽ يا پرنٽ ڪيو ويندو؛"؛

(d)شق (12) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "صحيح" کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اليڪٽرانڪ طور تي تيار ڪيل ستاويز جن جي لاءِ صحيح جي ضرورت نہ هجي، جيڪي قبول ڪيا ويندا آهن يا اها ذميداري جنهن کي اهڙي طرح سان هڪ معمول جي ڪاروباري عمل ۾ ڪيو ويندو آهي، ان کي اسٽيمپ ڊيوٽي جي مقصد لاءِ ڪيل سمجهيو ويندو."؛

(e)شق (13) جي ذيلي شق (b) ۾، آخر ۾ لفظ "۽" شامل

ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(c) هڪ اي اسٽيمپ؛"؛

(f) شق (14) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(14) "دستاويز" جنهن ۾ شامل آهي هر دستاويز جنهن ذريعي ڪو حق يا ذميداري پيدا ڪئي وئي، منتقل ڪئي وئي، محدود ڪئي وئي، وڌائي وئي، اندازو لڳائي وئي يا رڪارڊ ڪئي وئي آهي يا ارادو آهي ۽ جنهن ۾ پڻ شامل آهي ڪو به اليڪٽرانڪ شڪل ۾ دستاويز."

1899 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Act No.II of 1899

3. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 10 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾ سواءِ شرطيہ بيان جي، لفظ "اسٽيمپس" ڪانپوءِ لفظ "يا اي اسٽيمپس" شامل ڪيا ويندا؛ ۽

(ii) ذيلي دفعہ (2) جي شق (a) ۾، لفظ "اسٽيمپس" ڪانپوءِ لفظ "يا اي اسٽيمپس" شامل ڪيا ويندا.

1899 جي ايڪٽ نمبر II ۾ دفعہ 32_A جي شموليت

Insertion of section 32_A in Act No.II of 1899

4. چاڙهايل ايڪٽ ۾ دفعہ 32 ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"32_A. مقرر ڪيل آفيسر جو سرٽيفڪيٽ: چيف روينيو اٿارٽي طرفان مقرر ڪيل آفيسر سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي قانوني ڪارروائين ۾ شاهدي جي مقصد لاءِ ٽپي جي تصديق يا ٻي صورت ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو."

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 40 ۾:

1899 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعہ 40 جي ترميم
Amendment of section 40 of Act No.II of 1899

(a)ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) ۾ لفظن "پنج رپيا، يا جيڪڏهن اهو موزون سمجهي" ۽ آخري سٽ ۾ ايندڙ لفظن "پوءِ اهڙي رقم وڏيڪ هجي يا پنج رپين کان گهٽ هجي" کي ختم ڪيو ويندو.

(b)ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

"(4)جتي ڪو شخص ذيلي دفعہ (b)(1) تحت گهربل ڏنڊ سان گڏ خاص اسٽيمپ ڊيوٽي ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ٽيهہ ڏينهن جو عرصو گذري وڃڻ کانپوءِ بہ، اهو ڪل ڊفيسٽ اسٽيمپ ڊيوٽي جي بہ سيڪڙو ماهوار سرچارج جي ادائگي جو پابند هوندو."

6.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 40_A کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

1899 جي ايڪٽ نمبر II ۾ دفعہ 40_B جي شموليت
Insertion of section 40_B in Act No.II of 1899

"40_B. دفعہ 40 تحت پاس ڪيل آرڊر خلاف اپيل.

(1) دفعہ 40(1)(b) تحت ڪليڪٽر يا چيف انسپيڪٽر طرفان پاس ڪيل آرڊر خلاف ٽيهن ڏينهن اندر چيف روينيو اٿارٽي کي اپيل ڪئي ويندي.

(2) آرڊر جي اپيل ذريعي تصديق، تبديلي يا واپسي نہ ڪئي ويندي، جيستائين ان سان متاثر ٿيل ڌرين کي حاضري لاءِ موزون نوٽيس نہ ڏنو وڃي ۽ اپيل ڪيل آرڊر جي حق ۾ يا خلاف ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي.

(3) آرڊر خلاف ڪيل اپيل تحت اپيل ڪارروائين جي اسٽي طور ڪم نہ ڪندي، سواءِ ان جي

جيستائين اپيليٽ اٿارٽي آرڊر نہ ڪري، نہ ئي ڪو آرڊر عمل کان روڪيو ويندو. فقط ان سبب تہ اپيل ڪئي پئي وڃي، پر اپيليٽ اٿارٽي، جوڳي سبب لاءِ، اهڙي ڪنهن آرڊر تي عمل جو اسٽي آرڊر ڪري سگهي ٿي.

(4)اپيل ۾ پاس ڪيل آرڊر حتمي هوندو ۽ وڌيڪ اپيل نہ ڪئي ويندي.

1899 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعہ 48 جي ترميم
Amendment of section 48 of Act No.II of 1899

7.دفعہ 48 ۾ موجوده گنجائشون ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنيون وينديون ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"2) چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپ ڪي ڪليڪٽر جا اختيار هوندا ۽ استعمال ڪندو، جيئن سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ بيان ڪيل آهي."

1899 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعہ 62 جي ترميم
Amendment of section 62 of Act No.II of 1899

8.چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 62 ۾:

(a)ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "ڏهہ هزار رپيا يا ڊفيسٽ ڊيوٽي جو ويهہ سيڪڙو" جيڪو بہ وڌيڪ هجي، متبادل هوندا؛

(b)ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "ڏهہ هزار رپيا" متبادل هوندا.

1899 جي ايڪٽ نمبر II جي دفعہ 73 جي ترميم

9.چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 73 ۾:

(a)ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "ڪارروايون" ڪانپوءِ لفظ "اليڪٽرانڪ ڊيٽا" شامل ڪيا ويندا؛

Amendment of section 73 of Act No.II of 1899

(b)ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

“(4)ذيلي دفعہ (1) تحت بااختيار بڻايل آفيسر پبلڪ آفيسر کي ذيلي دفعہ (1) تحت ڄاڻايل رجسٽرس، بڪس، رڪارڊز، ڪاغذن، دستاويزن يا اليڪٽرانڪ ڊيٽا جي انسپيڪشن جو نوٽيس جاري ڪندو.

(5)پبلڪ آفيسر جيئن ئي جڏهن بااختيار بڻايل آفيسر طرفان طلب ڪيو وڃي، سمورا رڪارڊز يا دستاويز بشمول رکيل يا سنڀاليل اليڪٽرانڪ ڊيٽا تائين رسائي جي پيش ڪندو.

(6)بااختيار بڻايل آفيسر جاچ ڪندو ۽ مڪمل طور اسٽيمپ نہ ڪيل دستاويزن يا ڪنهن بہ ايڪٽ يا قاعدن جي ڀڃڪڙي جي نشاندهي ڪندي، جيئن معاملو هجي، ۽ ڊفيسٽ جي رقم يا اهڙي رڪارڊ جي جاچ جي بنياد تي بچايل ڊيوٽيز بابت لاڳاپيل پبلڪ آفيسر کي انسپيڪشن ميمو جاري ڪندو.

(7)پبلڪ آفيسر انسپيڪشن رپورٽ ملڻ جي ستن (7) ڏينهن جي عرصي اندر پنهنجي مشاهدي جي رپورٽ لکت ۾ جمع ڪرائيندو.

(8)جيڪڏهن ذيلي دفعہ (7) تحت بيان ڪيل عرصي اندر ڪو جواب نہ ٿو ملي يا پبلڪ آفيسر طرفان مطمئن ڪندڙ جواب جمع نٿو ڪرايو وڃي، تہ بااختيار بڻايل آفيسر چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس کي اهو ڄاڻائيندي انسپيڪشن رپورٽ جمع ڪرائيندو تہ دستاويز مڪمل طور تي اسٽيمپ ٿيل نہ آهن ۽ اسٽيمپ ڊيوٽي جي رقم گهٽ ادا ڪيل

آهي.

(9)هن دفعہ تحت بااختيار ٻڌايل انسپيڪشن دوران دفعہ 34 جون گنجائشون لاڳو ڪرڻ لائق نہ هونديون.".

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**